غير رسمي تعليمي طريقي سان

# رياضي

## استادن جو رهبر




LIGHT-F

Japan International Cooperation Agency

فهرست

غير رسمي تعليمي طريقي سان

# رياضي

## استادن جو رهبر

Japan International Cooperation Agency

هي تدريسي مواد لٽريسي سينٽر ، عورتن جي تعليمي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ حڪومت سنڌ جي منظور ٿيل نصاب 'تعليمِ بالغان 2020' تحت ترتيب ڏنو ويو آهي، جيڪو تعليم ۽ خواندگي کاتي جي ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيوليم، اسيسمينٽ ۽ ريسرچ پاران ليٽر نمبر NO/ELD/CA/CW/490/2020 تاريخ 20 سيپٽمبر 2023 تحت منظور ٿيل آهي.


ليکڪ: عطيہ تبسم پٽو

جائزه ڪميٽي: نذير احمد ميمڻ ، تسنيم عاليہ لغاري ، ظهير حسين عباسي

ٽيڪنيڪل ماهر: عابد حسين گِل، محمد يونس

ٽيڪنيڪل معاون ادارا : ومين ڊويلپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ
ڊائريڪٽوريٽ آف لٽريسي اينڊ نان فارمل ايجوڪيشن
جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي (Light-F Project)
سانجهه پريت آرگنائيزيشن

لي آئوٽ ڊزائين: زاهد علي ابڙو، محمد اڪمل شهزاد

ايڊيشن: پهريون

شايع ٿيڻ جي تاريخ: سيپٽمبر 2023ع

## پيش لفظ

اسان جي ملڪ ۾ خواندگيءَ جي صورتحال زبون حاليءَ جو شڪار آهي. انهيءَ جو سڀ ڪان وڏو سبب اسان جي ملڪ جي شرح خواندگيءَ جيڪا صرف 60% آهي. جنهن سبب پاڪستان ۾ معاشي، تعليمي، سماجي ۽ ثقافتي مسئلا تمام گهڻا آهن. تنهنڪري ناخواندگيءَ پنهنجا اثر ملڪ جي هر گهر ۽ سماج تي مرتب ڪري رکيا آهن ۽ سماج ۾ جهالت جي اونده جو راڄ آهي.

ملڪ جي موجوده صورتحال جي پيش نظر ان ڳالهه جي سخت ضرورت آهي تہ اهي بالغ فرد 'خاص طور تي عورتون' جيڪي ناخواندگيءَ جي سبب ملڪ جي ترقيءَ ۾ پنهنجو حصو نہ ٿيون ونڊائي سگهن. انهن لاءِ بنيادي خواندگيءَ سان گڏوگڏ پيشہ ورانہ مهارتون سيکارڻ جو هڪ مڪمل منصوبو جوڙيو وڃي تہ جيئن هو پڙهڻ لکڻ سان گڏوگڏ پيشہ ورانہ ۽ عملي زندگيءَ جي مهارتن ۾ بهتري آڻي ذاتي ۽ قومي زندگي ۾ احسن طريقي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ۽ ڪارائتا شهري بڻجي سگهن.

انهيءَ سلسلي ۾ وومين ڊويلپمينٽ ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ ۽ جاپان انٽرنيشنل ڪو آپريشن ايجنسي گڏجي سنڌ جي عورتن کي هنرمند بنائڻ لاءِ هڪ پروجيڪٽ لائيٽ ايف (Light-F) شروع ڪيو آهي. پروجيڪٽ جي ابتدائي مرحلي ۾ انتظاميا کي ان ڳالهه جو احساس ٿيو تہ عورتن کي بهترين هنرمند بنائڻ لاءِ خواندگيءَ جي بنيادي مهارتن مثلاً پڙهڻ، لکڻ ۽ بنيادي حساب ڪتاب ۽ روزمره جي ڳالهہ ٻولهہ بابت مناسب آگاهي تمام ضروري آهي. تنهنڪري ان ضرورت جي پيش نظر سنڌي زبان ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ بنيادي حساب جو مواد تيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن عورتون نہ صرف پڙهن، لکن بلڪ بهتر هنر سکي قومي ترقيءَ ۾ پنهنجو حصو بہ شامل ڪن.

انجم اقبال جماڻي
سيڪريٽري
وومين ڊويلپمينٽ ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ

# فهرست


| نمبر | سبق | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | اچو ته ڳڻپ ڪريون | 1 |
| 2 | اچو ته جوڙ ڪريون | 4 |
| 3 | اچو ته ڪٽ ڪريون | 8 |
| 4 | 10 کان 99 تائين عددن ۽ لفظن ۾ ڪيئن ڳڻيون؟ | 11 |
| 5 | ايڪا- ڏهاڪا | 14 |
| 6 | 100 کان100,000تائين عددن ۾ ڪيئن لکون؟ | 18 |
| 7 | مان وقت تي ڪم ڇو نٿي ڪري سگهان؟ | 20 |
| 8 | ڊيگهه ۽ ويڪر ڪيئن ماپيان؟ | 23 |
| 9 | وزن جا ايڪا | 27 |
| 10 | لٽر ڇا هوندو آهي؟ | 31 |
| 11 | ضرب ۽ ڪوڙا (5 تائين) | 34 |
| 12 | ڪم ڪي ڪٿين ورهايان؟ | 37 |
| 13 | اٿپور | 40 |

سبق پهريون:

# اچو تہ ڳڻپ ڪريون

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ ڪان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ هو:

- 1 ڪان 9 تائين انگن جي سڃاڻپ ڪري سگهندا
- 9 تائين شين ڪي ڳڻي انهن جي تعداد کي انگن ۾ لکي سگهندا.
- 9 تائين انگن ۾ پڙهي ۽ لکي سگهندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

ڪتاب، بورڊ، چاڪ، مارڪر، اسڪيل، پينسلون، ٺڪريون، ماچيس جون تيليون، ڪارڊ خالي دٻا وغيره

**سرگرميون:**

**تعارف :**

هر انسان عام زندگي ۾ شعوري يا لاشعوري طور تي ڳڻپ جي تصور ۽ عددن سان جڙيل آهي. اهو اسان جي آس پاس استعمال ٿيئي ٿو جيئن خريد ڪرڻ ڏيتي ليتي وغيره. سيئي شاگرد عملي زندگي ۾ ڳڻپ جو استعمال ڪن ٿا. ان لاءِ ضروري آهي تہ عددن جي سڃاڻپ ۽ لکڻ جي مشق ڪرائي وڃي.

**تصور جي وضاحت:**

**شاگردن کي ٻڌايو تہ اسان ترتيب سان انگ لکڻ ۽ پڙهڻ سکنداسين.**

- **استاد هٿ ۾ پينسل جهلي شاگردن کان پڇي تہ منهنجي هٿ ۾ ڪيترين پينسلون آهن؟ ”هڪ“، پوءِ هڪ ڪتاب / مارڪر ڏيکاري هر شاگرد کان پڇي. ان کان پوءِ بورڊ تي هڪ لکي ۽ سڀني شاگردن کي ڪاپين تي لکڻ لاءِ چوي. ان کان پوءِ مٽي ۾ هوا ۾ آڱر سان هڪ لکرائي ۽ گڏ گڏ ٻڌائڻ جي مشق ڪرائي.**
- **جيڪڏهن Tablet موجود هجي تہ شاگردن کي ان تي بہ مشق ڪرائي.**
- **ان کان پوءِ استاد ٻہ ڪتاب الڳ الڳ هٿ ۾ کڻي پڇي تہ هي ڪيترا ڪتاب آهن؟ پوءِ ٻنهي کي ملائي پڇي تہ هاڻي ڪيترا ڪتاب آهن؟ ”جواب ٻہ“**
- **مختلف شيون کڻي 9 تائين انگن جي سڃاڻپ ۽ مشق ڪرائي.**

**مشق:**

- **استاد ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مطابق عددن جي لکڻ جي مشق ڪرائي.**
- **شاگردن کي گروپ ۾ ويهاري مختلف شيون ڏيو ۽ پوءِ هدايت ڏيو تہ بورڊ تي لکيل انگ مطابق شئيون ڏار ڪري زمين تي رکو. جيڪو گروپ جلدي ڪندو ان لاءِ تاڙيون وڄرايو.**
- **شاگردن کي بورڊ تي گهرائي 1-9 تائين انگ ترتيبوار لکرائي ۽ ڪاپين تي مشق ڪرائي.**

**ٻڙي جو تصور:**

- **ٻڙي جي تصور جي ورجاءُ لاءِ ڪتاب هٿ ۾ کڻي پڇو تہ ڪيترا ڪتاب آهن؟ ”هڪ“ پوءِ ميز تي رکي پڇيو تہ هاڻي منهنجي هٿ ۾ ڪيترا ڪتاب آهن؟ جواب ڪجهہ بہ نہ پوءِ شاگردن کان پڇو تہ رياضي زبان ۾ ڪجهہ نہ جو مطلب ڇا آهي؟ جواب: ٻڙي ’0‘ استاد ٻڙي بورڊ تي لکي ۽ زمين تي ۽ هوا ۾ آڱر سان مشق ڪرائي.**

مشق:

خالي دٻي يا پليٽ ۾ 3 پينسلون يا پٽريون يا جيڪو به سامان موجود هجي اهو رکي شاگردن کان پڇو تہ دٻي ۾ ڪيتريون شيون آهن؟ جواب ’ٽي‘ ان کان پوءِ، پينسل هٿ ۾ کڻي پڇو تہ هاڻي ڪيتريون بچيون؟ ان کان پوءِ هڪ ٻي کڻي ۽ پڇي. هاڻي آخري بہ کڻي ۽ پڇي تہ ڪيترون پينسلون بچيون شاگرد جواب ”ٻڙي“ ڏيندا. شاگردن کي ٻڌايو تہ دٻو يا پليٽ ۾ ڪجھ ناهي يعني ٻڙي. اهڙي طريقي سان تصور کي وڏيڪ واضح ڪرائي.

- خالي يا ڪجھہ نہ کي اسان ٻڙي يا ’0‘ جي نشاني سان ظاهر ڪندا آهيون.
- استاد ڪتاب ۾ ڏنل مشق ڪرائي.

جائزو:

شاگردن کي چئو تہ هو ڪليڊنر ڏسن ۽ ان ۾ مختلف انگن جي نشاندهي ڪرايو.

- شاگردن کان ڪلاس ۾ موجود شاگردن ۽ گھر جي فردن جي ڳڻپ ڪرايو ۽ تعداد لکرايو.

استاد بورڊ تي ڪجھہ انگ لکي ۽ شاگردن کان پڇي تہ ان کان پهرين ۽ پوءِ ڪھڙو انگ ايندو.

سبق ٻيو

## اچو تہ جوڙ ڪريون

**مقصد:**

**هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ هو:**

- جوڙ جي تصور کان آگاهہ ٿي سگهندا.
- جوڙ جي '+' نشاني کي سڃاڻي لکي سگهندا.
- جوڙ ڪيل عددن کي لکي سگهندا.
- جوڙ جو پنهنجي عملي زندگي ۾ استعمال ڪري سگهندا.

**سکيا ۾ مددگار شيون:**

بليڪ بورڊ، چاڪ، ٽيچر گائيڊ، شاگردن جا ڪتاب، پينسلون، ٺڪريون، اسٽرا، ماچيس جون تيليون، ڪارڊ

**تعارف:**

رياضي ۾ جوڙ جو تصور سمجهائڻ لاءِ شاگردن جي پوئين معلومات ۽ روزاني زندگي مان مثالن ذريعي تصور کي واضح ڪيو. شاگرد روزانہ خريد ڪرڻ ۽ وڪڻڻ جي عمل ۾ پئسن جي استعمال سان جوڙ جي بنيادي تصور ۽ ان جي عملي استعمال کان واقف آهن.

شاگرد پهرين ئي جوڙ ۽ ڪٽ جي عملن کان واقف آهن ۽ ان جو استعمال به ڪندڙ آهن.

انهن جي معلومات کي نظرانداز نه ڪيو وڃي ۽ اهو به پڙهايو وڃي جيڪو هو پهرين کان ڄاڻن ٿا.

شاگردن کي اهڙي طريقي سان پڙهايو وڃي جيڪو انهن جي عملي زندگي سان لاڳاپيل هجي. عام مشاهدو آهي ته بالغ شاگرد رياضي جي عددن ۽ علامتن کان ناواقف آهن. اسان جو طريقي ڪار شاگردن جي موجوده علم تي نئين علم جي عمارت تعمير ڪرڻ آهي. اهڙي طرح ته جيئن شاگردن کي رياضي ۾ ڇٽڪ، جوڙ ۽ ڪٽ جا سوال آساني سان حل ڪرڻ اچن.

سرگرميون:

تصور جي وضاحت:

- اسان روزانو زندگي ۾ ڪهڙين شين جو جوڙ ڪندا آهيون؟
- اسان شين جي جوڙ ڇو ڪندا آهيون؟
- جوڙ جا ڪهڙا فائدا آهن؟

استاد شاگردن کي مثال ڏي ته ڪالهه مون کي بازار ۾ هڪ پرس پسند آيو. مون قيمت پڇي ته دڪاندار ٻڌايو ته هي رعايتي قيمت ۾ اڌ قيمت تائين به ملي ويندو مان خوش ٿي پنهنجي پيڻ لاءِ به هڪ پرس خريد ڪيو. هاڻي شاگردن کان پڇو ته ڪيترا پرس خريد ڪيا؟

شاگرد جواب ڏيندا ته هڪ. هاڻي انهن کي چئو ته اسان هڪ لکنداسين. ڪنهن هڪ شاگرد کي گهرائي بورڊ تي '1' لکرايو.

- جڏهن شاگرد هڪ دفعا '1' لکي ته پوءِ پڇو ته مان پنهنجي پيڻ لاءِ ڪيترا پرس خريد ڪيا. شاگرد ٻڌائيندا ته '1'.
- هاڻي ڪنهن ٻي شاگرد کي چئو ته اهو اچي پيهر هڪ لکي هن مرحلي تي انهن جي رهنمائي ڪيو ته '1' '1' گڏ ناهي لکڻو. ان کي پهرين '1' جي هيٺيان لکو.

- هاڻي پڇو تہ مون وٽ ڪل ڪيترا پرس آهن؟ شاگرد جواب ڏيندا تہ 'ٻہ'. انهن کي '2' لکڻ سيکاريو. استاد بورڊ تي '2' لکي ۽ شاگردن کي ڪاپي تي لکڻ لاءِ چئي.

استاد ٻڌائي تہ جڏهن شئين کي گڏ ڪيو ويندو آهي تہ جوڙ جو عمل ٿيندو آهي. ان کي رياضي ۾ هڪ خاص نشاني سان ظاهر ڪيو ويندو آهي جيڪا '+' آهي.

- استاد ٻڌائي تہ نشاني جي بنا اسان کي خبر نہ پوندي تہ ڪهڙي شي ڪنهن ۾ جوڙ ڪئي وئي. اهو ٻڌائڻ لاءِ اسان جوڙ جي نشاني لڳائيندا آهيون. هڪ سڌي ليڪ ڪڍي ۽ پوءِ ان کي وچ تي اُڀي ليڪ ڪڍي جوڙ جي نشاني ٺاهبي آهي.
- استاد جوڙ جي نشاني آخري عدد سان گڏ لڳائي اهو واضح ڪري تہ ڪهڙي رقم جوڙ ڪئي آهي.
- ليڪ جي هيٺ لکيل عدد اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ليڪ کان مٿي ڏنل عددن جو جوڙ آهي.ان مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ ڏنل عددن کي ملائي ڪُل ڪيترا ٿيا. اهو اسان جو جواب هوندو آهي. جواب کان هيٺ آخر ۾ اسان ٻي ليڪ ڏيندا آهيون.
- آخر ۾ شاگردن کي ٻڌايو تہ اسان جوڙ جا سوال هن ريت لکندا آهيون ان سان گڏ 0 کان 9 تائين انگن جي ڄڻپ ۽ جوڙ جي سوالن کي حل ڪرايو.

مشق:

استاد شاگردن کي گروپ ۾ ويهاري ۽ انهن ۾ ڪجھ ٺڪريون، اسٽرا يا ڪاٺيءَ جون ننڍيون ٺڪريون ڏي ۽ هدايت ڏي تہ مان بورڊ تي جيڪو انگ لکان توهان انهن مان اوترين شيون ڳڻي الڳ ڪري ڏيکاريو. جيڪو گروپ جلدي ڪري وٺندو ان لاءِ تاڙيون وڄرائي. ان کان پوءِ استاد شاگردن کي 9 گروپن ۾ ورهائي. هر گروپ کي 1 کان 9 تائين جا ڪارڊ ورهائي ڏي. هاڻي هدايت ڏي تہ مان جيڪو انگ بورڊ تي لکان توهان اهو ڪارڊ ڳولهي ڏيکاريو. جيڪو گروپ پهرين ڳولهي ڏيکاريندو ان کي مارڪ ملندي ۽ جيڪو گروپ سڀني کان وڌيڪ مارڪون کٽندو اهو کٽيندو. پوءِ استاد شاگردن کان مختلف انگ بورڊ تي لکرائي مشق ڪرائي تہ جيئن انهن ۾ اعتماد پيدا ٿي.

- استاد 1-9 کان پوءِ ٻڙي جو تصور ڏي، شاگرد ٻڙي جي تصور کان واقف آهن، ان ڪري جوڙ جا سوال حل ڪرائيندي استاد ٻڙي جي تصور جي ورجاءِ ڪرائي ته ٻڙي مطلب ”ڪجهه نه“ استاد ڪجهه شيئون هڪ ٽوڪري ۾ رکي ۽ پوءِ هڪ هڪ شيءِ ڪڍي ڏيکاري ۽ جڏهن ٽوڪري خالي ٿي وڃي ته پوءِ پڇي ته هاڻ ٽوڪري ۾ ڇا آهي. شاگرد جواب ڏيندا ته ”ڪجهه نه“ هاڻ استاد ٻڌائي ته ڪجهه نه کي رياضي ۾ ٻڙي چئبو آهي ۽ ان کي ”0“ سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. ٻڙي جي رياضي ۾ اهميت آهي ان جو استعمال اسان اڳيان وارن سبقن ۾ ڏسنداسين.
- استاد بورڊ تي مختلف شيئون ڏاهي 0 کان 9 تائين عددن جي جوڙ ڪرائي. استاد پهرين شئين جي جوڙ ڪرائي ۽ پوءِ عدد لکڻ سيکاري. ڪلاس ۾ موجود شئيون ڳڻي ۽ جوڙ ڪرائي جوڙ جو تصور واضح ڪرائي. جيئن ڪتاب ۾ به ڏنل آهي.
- ڪتاب ۾ ڏنل تصويرن ۽ عددن جي مدد سان جوڙ جا سوال حل ڪرائي.
- تصور واضح ٿيڻ کان پوءِ شاگردن کي ڪيلڪيولٽر ڏيکاري ۽ ٻڌائي ته هن ذريعي اسان آساني سان جوڙ ڪري سگهون ٿا. شاگردن کي ڪيلڪيولٽر جي مدد سان جوڙ ڪرڻ سيکاريو ۽ مشق ڪرايو.
- شاگردن کي موبائل فون مان ڪيلڪيوليٽر ڏيکاريو ۽ جوڙ ڪرڻ سيکاريو.

**جائزو:**

- شاگردن کي چند سوال ڏيو ته جيئن اُهي هڪ انگي عدد جو جوڙ آساني سان ڪري سگهن.
- شاگردن کي چئو ته پهنجي پيڻ ۽ ڀائرن جي تعداد کي جوڙ ڪري ٻڌائين.

سبق ٽيون:

## اچو تہ ڪٽ ڪريون

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ هو:

- ڪٽ (–) جي نشاني جي سڃاڻپ ۽ استعمال ڪري سگهندا.
- هڪ انگي عدد مان هڪ انگي عدد جي ڪٽ ڪري سگهندا.
- درست جواب سان خال پري سگهندا. مثال طور: 7 = □ – 9

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

پينسلون، ڪتاب، بورڊ، موبائيل فون، ڪيلڪيوليٽر وغيره

**سرگرميون:**

**تصور جي وضاحت:**

استاد ڪٽ جي عمل جا عام زندگيءَ مان مثال ڏي. ڪٽ جو مطلب ورهائڻ يا ڏيڻ آهي. جيڪڏهن ڪنهن وٽ 2 ٽوڪريون آهن ۽ هو هڪ ٽوڪري پنهنجي دوست کي ڏي تہ هاڻي هن وٽ ڪيتريون ٽوڪريون بچنديون؟ شاگرد جواب ڏيندا '1'

- ٻن شاگردن کي گهرائي، هڪ کي 3 پينسلون ڏيو ۽ چئو تہ هڪ هڪ پينسل ڪڍي ڳڻيو. ان کان پوءِ 3 مان 1 پينسل ڪڍ ٻيئڻ شاگرد کي ڏيو. هاڻي پهرين کان پڇو تہ 3 پينسلن مان 1 ڏئي ڇڏي تہ باقي ڪيتريون پينسلون بچيون؟ شاگردن جو جواب هوندو '2'
- شاگردن کان پڇي بورڊ تي لکو. پهرين شاگرد وٽ ڪُل ڪيتريون پينسلون هنيون؟

- 1 پينسل ڏيڻ کان پوءِ ڪيترين پينسلون بچيون؟
- هتي شاگردن کي ٻڌايو ته گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪٽ جي نشاني (۔) استعمال ڪئي ويندي آهي.
- استاد سوال ۾ اها نشاني لڳائي سمجهائي ۽ سوال حل ڪرائي.

مشق:

صائمہ وٽ 4 ٽافيون آهن. ٻہ ٽافيون هن جي ڀيڻ نادير کائي ڇڏيون. جڏهن صائمہ کي خبر پئي تہ هو پنهنجي ماءُ وٽ وئي ۽ چيائين تہ مون وٽ 4 ٽافيون هيون. ٻہ ٽافيون نادير کائي وئي.

- هاڻي مون وٽ صرف 2 ٽافيون آهن.
- هن جو ڪٽ جو درجو لکرايو.
- عاليہ ٽوڪريون ٺاهيندي آهي. هن کي 5 ٽوڪريون ٺاهڻ جو آڊر مليو آهي. جنهن ۾ 3 وڏيون ۽ باقي ننڍيون ٽوڪريون ٺاهڻيون آهن. عاليہ کي ڪيترين ننڍيون ٽوڪريون ٺاهڻيون آهن؟
- بورڊ تي 9 گول ڪڍي شاگردن کي چئو تہ وڏي آواز سان ڳڻي ٻڌائن. هاڻي ان مان 6 گهٽ ڪرڻ لاءِ چئو.
- شاگردن کي چئو تہ هو پنهنجي بجيٽ فارم ۾ پنهنجي آمدني ۽ خرچ لکن ۽ ڪٽ ڪري ٻڌائن تہ ڪيترا پيسا بچيا؟

استاد لاءِ معلومات:

ڇا توهان کي پنهنجي شاگردن جي حسابن تي شڪ آهي؟ ڇا توهان اهڙو ڪو ماڻهو ڏٺو آهي جنهن جي ڪا شيءِ وڃائجي وڃي ۽ هن کي حساب نہ ڪرڻ اچي تہ هن وٽ ڪيترين شيون هيون؟ ۽ هاڻي ڪيترين آهن؟ اهڙو حساب جنهن کي پڙهي ٻڌائڻ جي ضرورت نہ پوي. ان کي زباني حساب چئبو آهي. ڪٽ ۽ جوڙ جي سوالن ۾ ٻہ فرق آهن. ڪٽ جي درجي ۾ وڏي رقم پهرين ۽ ننڍي پوءِ لکي ويندي آهي ۽ ٻيو تہ ڪٽ ۽ جوڙ جي نشاني الڳ الڳ آهي، باقي درجو ٻنهي سوالن ۾ هڪ ئي طريقي سان لکبو آهي.

جائزو:

استاد ڪجهه سوال بورڊ تي لکي. اهي سوال ڪاپي يا عددن واري ڪارڊن ذريعي ڪرائي.
اهڙي طرح ڪٽ جو تصور ۽ عددن جي سڃاڻپ ڪرائي وڃي.

- سيما کي ڊزائنر ڪان پائوچ ٺاهڻ جو ڪم مليو آهي، 3 پائوچ اهڙا هيا جن جي زپ خراب هئي. ڊزائنر اهي واپس ڪري ڇڏيا. سيما ڪُل ڪيترا پائوچ وڪڻيا؟
- ياسمين کي 9 چادرُن تي بلاڪ پرنٽ جا ڊيزائن ٺاهڻا آهن. اڄ هن 4 چادرون مڪمل ڪيون هن کي باقي ڪيتريون چادرون ٺاهڻيون آهن.

سبق چوٿون:

## 10 کان 99 تائين ڪيئن ڳڻيون ؟

مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- عدد 10 جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- هڪ انگي ۽ ٻه انگي عدد ۾ فرق ڪري سگهندا
- ڏهاڪن ۾ ڳڻپ ڪري سگهندا

سکيا لاءِ مددگار شيون:

بورڊ، ڪرنسي نوٽ، ڪائيون، نقلي ڪرنسي نوٽ، ٽيبليٽ

سرگرميون:

تصور جي وضاحت:

- شاگرد پهرين 0-9 تائين انگ سکي آيا آهن، ۽ انهن کي هڪ انگي عددن جي جوڙ ۽ ڪٽ بابت به ڄاڻ آهي.

10 جو تصور:

استاد بورڊ تي 1-9 تائين انگ لکي، شاگردن کي ٻڌائي ته 9 ۾ هڪ عدد جوڙ ڪبو ته 10 ٿي ويندا. استاد پهرين ڪاپين جي مدد سان 9 انگ ڳڻي ڏيکاري ۽ ان تي وڊيو هلائي ڏيکاري، گڏ بورڊ تي لکي ٻڌائي ته جيڪڏهن ڪا شيءِ نه هوندي آهي ته اسان 0 لکندا آهيون.

اچو تہ مثال ذريعي سمجھون ٿا:

- استاد 9 پينسلون هڪ خالي گلاس ۾ وجھي ۽ پوءِ هڪ هڪ ڪري سڀئي پينسلون شاگردن کان ڳڻائي شاگردن کان پڇو گھڻيون پينسلون آهن؟ 'جواب 9' استاد ٻڌائي تہ هاڻي مان هڪ ٻي پينسل شامل ڪيان تہ 10 پينسلون ٿي وينديون. جيڪڏهن اسان هنن جو هڪ بنڊل ٺاهيون تہ هي ڏهہ پينسلون هڪ ڏهاڪو ٿي وينديون.
- صفيہ ڪڪڙيون پاليون آهن. هن وٽ 7 آنا آهن. اڄ ڪڪڙين 3 آنا ڏنا آهن. صفيہ وٽ هاڻ ڪُل ڪيترا آنا ٿيندا؟

7 ۽ 3 جي هيٺان 0 آهن. ان مان خبر پوي ٿي تہ جڏهن 10 شئيون ٿينديون تہ انهن جي جڳهہ منجي ويندي.

- 0 کان 9 تائين انگن کي ايڪا چئبو آهي. جڏهن اسان 10 جو بنڊل ٺاهيندا آهيون تہ اُهي ڏهاڪن ۾ ڳڻيا ويندا آهن. ڏهاڪا مطلب ڏهہ آهي.

- سکن ۽ نوٽن سان ايڪن ۽ ڏهاڪن جو تصور وڌيڪ سٺي نموني سيکاري سگھجي ٿو.
- استاد ڪتاب ۾ ڏنل سوال ڪرنسي نوٽن ۽ سکن ذريعي سمجھائي ۽ ٻارن کان بورڊ تي حل ڪرائي.
- هر انگ جو مڪاني ملهہ درست طريقي سان سمجھڻ لاءِ جوڙ ۽ ڪٽ جا سوال حل ڪري ڏيکاريو.

مشق:

- 10 جو تصور ڏيڻ کان پوءِ ورجاءُ ڪرايو تہ جيئن ڏهاڪي جو تصور واضح ٿي.
- استاد بورڊ تي ہہ گول ڪڍي. هاڻي انهن ۾ ايترا ستارا ٺاهي جو انهن جو جوڙ 10 ٿئي. شاگردن کي گھرائي چئو تہ هڪ گول ڪيو جنهن ۾ هي سڀ ستارا گڏ هجن.

- شاگردن کي پڙايو جيڪڏهن 10 شين جي تعداد جو بنڊل هجي ته 10 بنڊل سؤ (100) ٿي ويندا.
- شاگردن کي ماچيس جي تيلين مان 3 بنڊل ٺهرائي ۽ پڇي ته هي ڪيترا ڏهاڪا آهن؟
- 6 ڏهاڪا ڏيکاري ۽ پڇي ته ڪيترا ڏهاڪا آهن؟ پوءِ پڇي ته 6 ڏهاڪن ۾ ڪيتريون تيليون آهن؟ (جواب 60)
- هاڻي 6 ڏهاڪن سان 3 تيليون ملائي پڇي ته هاڻي گهڻيون ٿيون؟ (63) جيڪڏهن شاگرد جواب نه ٻڌائي سگهن ته پيهر سمجهايو ۽ ورجاءِ ڪرايو. اهڙي طرح مختلف عددن لاءِ سرگرمي ڪرايو ۽ ڇِلپ جو تصور پختو ڪرايو.
- استاد ايڪن ڏهاڪن جي مدد سان شاگردن کي 99 تائين انگن جي سڃاڻپ ڪرائي.
- شاگردن کي مختلف عددن جي شين جي تعداد سان ايڪن ۽ ڏهاڪن ۾ ۽ عددن جي نالي سان مشق ڪرايو.

| 79 | 89 | 76 | 12 |
|---|---|---|---|
| 9 ايڪا 7 ڏهاڪا | 9 ايڪا 8 ڏهاڪا | 6 ايڪا 7 ڏهاڪا | 2 ايڪا 1 ڏهاڪو |
| اوڻاسي | اوڻانوي | ڇاهتر | ٻارهن |

شاگردن کي مختلف عدد ٻڌائي چئو ته انهن کي انگن ۽ لفظن ۾ لکن. شاگردن کي مشڪل ٿئي ته ڪتاب ۾ ڏنل انگن ۽ لفظن ۾ ڏنل ڇِلپ مان سيکاريو.

جائزو:

- شاگردن جا گروپ ٺاهيو ۽ هر گروپ کي ڪجهه ماچيس جون تيليون ۽ رٻڙ بينڊ ڏيو. انهن کي 10، 10 جا بنڊل ٺاهڻ لاءِ چئو. جڏهن بنڊل ٺاهي چڪن ته پڇو ڪيترا بنڊل ٺاهيا آهن؟
- هڪ بنڊل ۾ ڪيتريون تيليون آهن؟
- 10 ايڪن کي ڇا چئبو آهي؟
- 10 ڏهاڪن ۾ ڪُل ڪيتريون تيليون ٿينديون؟

سبق پنجون

# ايڪا ڏهاڪا (ٽپائڻ)

مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- عددن جي ٽپائڻ ۽ بنا ٽپائڻ وارا جوڙ جا سوال حل ڪري سگهندا.
- 4 انگي عددن جي ٽپائڻ ۽ بنا ٽپائڻ وارا جوڙ ۽ ڪٽ جا سوال حل ڪري سگهندا.

سکيا ۾ مددگار شيون:

ڪتاب، بورڊ، فليش ڪارڊ

سرگرميون:

مريم جي مشڪل:

مريم ثريا باجي جي اسڪول ۾ سلائي سکڻ ايندي آهي. اڄ چوڪيدار موڪل تي آهي. ثريا باجي پريشان آهي ته ان ڪي سلائي جو ڪم ڪرڻو آهي ۽ ميچنگ ڌاڳو ۽ ڏوري گهرائڻي آهي. مريم چيو ته باجي اوهان پريشان نه ٿيو مان ۽ زينب بازار مان سامان وٺي اچون ٿا. باجي چيو ٺيڪ آ. پر هي سڄو حساب لکي ڪري اچجو ته ياد رهي. باجي انهن کي 92 رپيا ڏنا. انهن 67 رپين جي ڏوري ۽ 25 رپين جا ڌاڳا خريد ڪيا.

ويچهو ته آهي.

مريم حساب ائين لکيو.

| | | |
|---|---|---|
| | 6 | 7 |
| + | 2 | 5 |
| 8 | 1 | 2 |

ثريا باجي حساب ڏٺو ته چيو ته مون صرف 92 رپيا ڏنا هئا. پر توهان جي حساب ۾ ته ڪجهه پيو نظر اچي رهيو آهي.

7 ۽ 5 جي جوڙ ڪئي ته 12 ٿيندا آهن. ان لاءِ هيٺ 12 لکيا. اهڙي طرح 6 ۽ 2 جوڙ ڪري گڏ 8 لکيا آهن. مريم وضاحت ڪئي.

پر توهان ته 92 رپيا ڏنا هيا ۽ اسان اُهي خرچ ڪيا، پوءِ حساب ۾ ايترا ڇو اچن ٿا؟

شاگردن کان پڇو ته مريم ڪٿي غلطي ڪئي آهي؟ اچو ته مريم جي مسئلي جو حل ڳولهيون.

توهان کي خبر آهي ته ايڪن جي جاءِ تي 9 کان وڌيڪ انگ نه لکيا ويندا آهن.

تصور جي وضاحت:

جيڪڏهن ايڪن جي جاءِ تي 9 کان وڌيڪ جواب اچي ته 10 ڏهاڪن جي جاءِ تي هڪ ڏهاڪو لکبو آهي. 9 يا 9 کان گهٽ ايڪن جي جاءِ تي لکيا ويندا آهن. مٿين سوال ۾ 7 ۽ 5 جي جوڙ 12 آهي.

- هاڻي 12 ۾ 1 ڏهاڪو ٿيندو جيڪو ڏهاڪي جي جاءِ تي رکبو ۽ ايڪن جي جاءِ تي 2 ايڪا لکبا.
- 1 ڏهاڪو اسان کي 10 ايڪن مان مليو.
- هاڻي ڏهاڪن جي جاءِ تي 6 ۽ 2 جي جوڙ 8 ٿي ۽ هڪ ڏهاڪو ملائي 9 ٿي ويا.
- توهان کي خبر آهي ته ڏهاڪن جي جاءِ تي 9 جو مطلب 90 آهي ۽ وري ٻه ايڪا جوڙ ڪرڻ سان 92 جواب آيو.

شاگردن کي چئو ته بچت فارم مان پوئين ڀن ڏينهن جي بچت جو جوڙ ڪريو. مثال طور زاهده جمعي تي 77 ۽ ڇنڇر جي ڏينهن 14 روپيا بچايا. زاهده ڪُل ڪيترا روپيا بچايا؟

- آمنه 25 رپين جون موسميون ۽ 34 رپين جا ڪيلا خريد ڪيا؟
- 
- اهڙي طرح انگ لکڻ وقت ٻه ڪاپي پاسي کان لکبو آهي.
- شاگردن کي ٻڌايو ته انگي عدد ۾ ڪا ٻي پاسي سوَ وارو انگ ٿيندو ان کان پوءِ ڏهاڪو ۽ ساڄي پاسي ايڪو هوندو.

جيڪڏهن اسان کي ايڪن، ڏهاڪن ۽ سوَ واري جاءِ معلوم هجي ته اسان کا به رقم لکڻ ۾ غلطي نه ڪنداسين.

مشق:

- نائيلہ بوتيڪ تي ڪم ڪندي آهي. ڊيزائنرز ان کي ٻڌايو ته هن کي هر قميص تي ڳڻي ڪري اسٽون لڳائڻا آهن.

| | |
|---|---|
| ڪارا اسٽون | 109 |
| ڳاڙها اسٽون | 103 |
| نيرا اسٽون | 121 |
| پيلا اسٽون | 134 |

- توهان پنهنجي ڪاپين تي لکي ڏيکاريو.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 594 | | | 597 | | | 600 | |
| 707 | | 709 | | | 712 | | 714 |
| 348 | | | 351 | | | | 355 |

سبق ڇهون:

## 100 کان 100,000 تائين ڳڻڻ

مقصد:

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ هو:

- ٽي انگي عددن جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- 100 کان اڳتي ڳڻپ لکي سگهندا.
- 4، 5 ۽ 6 انگي عددن جا مڪاني ملھ جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.

سکيا لاءِ مددگار شيون:

ڪتاب، بورڊ، Tablet

تصور جي وضاحت:

ممتاز ۽ مريم روز هڪ رپيو بچائيندا آهن. هڪ ڏينهن ممتاز مريم کي چيو تہ تون ايترن ڏينهن کان پئسا گڏ ڪري رهي آهين اچ ڳڻيون ٿا تہ ڪيترا رپيا بچايا آهن. هن سڄا پئسا سامهون رکيا هن وٽ هڪ ۽ پن رپين جا سڪا ۽ پنج نوٽ هئا پنهي ملي ڪري ڳڻڻ شروع ڪيا.

- هي تہ هڪ سو رپيا آهن. مريم خوشيءَ سان چيو. جڏهن مون وٽ ٻہ سو ٿي ويندا تہ مان پنهنجي لاءِ ڪا شيءِ خريد ڪندس.

100 +1 =

- اسان هڪ ڪاغذ تي لکون ٿا تہ ڪُل ڪيترا پئسا آهن تہ جيئن گهڙي گهڙي ڳڻنا نہ پون ممتاز چيو.

'اوھ! مون کي ياد نہ رهيو تہ مون وٽ هڪ روپيو ٻيو بہ آهي. مان پنهنجي ٿيلهي مان ڪڍي اچان ٿي. هي مون اڄ بچايو آهي' مريم ٿيلهي مان هڪ رپيو ڳولهيندي چيو.
'هاڻي تو وٽ هڪ سو هڪ رپيا آهن. هي ڪاغذ رکي ڇڏ' ممتاز ڪاغذ ان کي ڏيندي چيو.
'پر مون کي تہ هڪ سو هڪ لکڻ نہ ايندو آهي' مريم پريشان ٿيندي چيو.

اسان ايڪن جي جاءِ تي 1 لکنداسين. اسان وٽ ڏهاڪا نہ آهن ان جي جاءِ تي 0 لکنداسين ڏهاڪن کان اڳيان سو آهن ان جاءِ تي 1 لکنداسين.
جيڪڏهن اسان کي ايڪن، ڏهاڪن ۽ سوَ واري جاءِ معلوم هجي تہ اسان کا بہ رقم لکڻ ۾ غلطي نہ ڪنداسين.

سرگرميون:

## مڪاني ملھ جي راند:

4 شاگردن کي هڪ لائين ۾ بيهاريو ۽ 0 کان 9 تائين ڪنهن بہ نمبر جو ڪارڊ ڏيو. هڪ هڪ ڪري انهن جو مڪاني ملھ پڇو. جڏهن چوٿي نمبر جي واري اچي تہ انهن جي قيمت پڇو.
شاگردن کي ياد ڏياريو تہ ساڄي کان کاٻي هر انگ جي قيمت پوئين انگ جي پيٽ ۾ ڏهہ دفعا وڌيڪ ٿي ويندي.
اهڙي طرح پنجين ۽ ڇهين شاگرد کي بہ سڏيو. انهن کي ڏهہ هزار، سوَ هزار نالا ڏيو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ايڪا، | ڏهاڪا، | سوَ، | هزار، | ڏهہ هزار، | سوهزار |

- ڏهہ سوَ گڏ ڪريون تہ هزار ٿيندا آهن ۽ ان کي لکبو آهي، 1,000
- ڏهہ هزار گڏ ڪريون تہ ڏهہ هزار ٿيندا آهن ۽ ان کي لکبو آهي، 10,000
- سو هزار گڏ ڪريون تہ هڪ لک (سوَ هزار) ٿيندا آهن ۽ ان کي لکبو آهي، 100,000
- ڪتاب ۾ ڏنل ڳِچ جي مدد سان مشق ڪرايو.

جائزو:

- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ (Missing Numbers) حل ڪرايو.

مختلف انگ بورڊ تي لکرائي پڙهايو ۽ ڪاپين تي مشق ڪرايو.

سبق ستون:

# مان وقت تي ڪم ڇو نٿي ڪري سگهان؟

مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- اينالاگ گھڙيءَ ۾ ڪلاڪن ۽ منٽن جي سُئن جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- اينالاگ گھڙيءَ مان ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ وقت پڙهي ٻڌائي سگهندا مثال 2 ڪلاڪ
- ڊيجيٽل گھڙيءَ ۾ ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ وقت پڙهي ٻڌائي سگهندا.
- اينالاگ ۽ ڊيجيٽل گھڙي مان وقت کي پڙهي ۽ لکي سگهندا.

سکيا لاءِ مددگار شيون:

گھڙيءَ جو ماڊل، ڪاغذ جي پليٽ، ڪتاب، پينسل، چارٽ، بورڊ، ٽيبليٽ

سرگرميون:

ڪهاڻي:

فرزانه پنهنجي گهر جي ويجهو سينٽر ۾ پرت پرڻ جو ڪم سکڻ ويندي آهي. ان جي استاد 10 وڳي ڪم شروع ڪرائيندي آهي. پر هن کي دير ٿي ويندي آهي. فرزانه ڪوشش ڪندي آهي ته وقت تي پُهچان پر هن کي وقت جو اندازو ئي نه ٿيندو آهي ۽ روزانو ڪجھ نه ڪجھ سکڻ کان رهجي ويندي آهي. اهوئي حال سينٽر جي ڪجھ ٻين عورتن جو به آهي.

اڄ استاد دير ٿيڻ جو سبب پڇيو ته سڀني اهو ٻڌايو ته هو اندازي سان سينٽر اچن ٿيون هنن کي وقت ڏسڻ نه ايندو آهي. استاد چيو ته اها پريشاني جي ڳالھ ناهي. اڄ اسان پهرين وقت ڏسڻ سکون ٿا. سڀ خوش ٿيون ته هاڻي انهن کي دير نه ٿيندي ۽ پنهنجو ڪم وقت سر ڪري سگهنديون.

**تصور جي وضاحت:**

- شاگردن کي ٻڌايو تہ گھڙيءَ جي گول تي ٻارهن حصا آهن ۽ تي شيون هونديون آهن.
- ننڍي سوئي ڪلاڪن کي ظاهر ڪندي آهي جيڪا هڪ انگ کان ٻئي انگ تائين هڪ ڪلاڪ ۾ پهچندي آهي. هن کي ڪلاڪ واري سوئي چئبو آهي.
- ننڍي سوئي ڊائل تي 1 کان 12 تائين هڪ ڪلاڪ ۾ 1 چڪر مڪمل ڪندي آهي. هن کي منٽن واري سوئي چئبو آهي. هڪ انگ کان ٻي انگ تائين 5 ننڍا حصا هوندا آهن. هر ننڍو حصو 1 منٽ کي ظاهر ڪندو آهي. ان جو مطلب آهي تہ هڪ انگ کان ٻي انگ جي وچ ۾ 5 منٽ آهن.

60 منٽ = ا ڪلاڪ

- گھڙي جي سنهڙي سوئي ڊائل تي 1 کان 12 تائين هڪ منٽ ۾ چڪر مڪمل ڪندي آهي. هن کي سيڪنڊن واري سوئي چئبو آهي.

60 سيڪنڊ = 1 منٽ

- هڪ اڌ رات کان ٻي اڌ رات (12:00) تائين جو وقت هڪ ڏينهن ٿيندو آهي. هڪ ڏينهن ۾ ڪلاڪن واري سوئي ڊائل تي ٻہ چڪر لڳائيندي آهي. هڪ چڪر ۾ 12 ڪلاڪ ٿيندا آهن جڏهن تہ ٻن چڪرن ۾ 24 ڪلاڪ پورا ٿيندا آهن.
- شاگردن کي ڊيجيٽل گھڙي ڏيکاريو ۽ انهن کي وقت پڙهڻ جو طريقو سمجھائڻ کان پوءِ بورڊ تي مختلف وقت واري گھڙي ناهيو ۽ ڪاپي تي وقت لکڻ لاءِ چئو. شاگردن کي چئو تہ ڊيجيٽل گھڙيءَ مان ڏسي وقت لکن.
- شاگردن وٽ موبائيل فون هوندا. انهن کي چئو تہ موبائيل فون تان ڏسي وقت ٻڌائين.

مشق:

شاگردن کي چئو تہ اڄ اسان پنهنجو ٽائيم ٽيبل ٺاهينداسين. توهان بہ ڪالم ٺاهيو. استاد بورڊ تي بہ ڪالم A ۽ B ٺاهي ڪالم A ۾ ڪم ۽ ڪالم B ۾ وقت لکرايو.

| ڪالم A | ڪالم B |
|---|---|
| ڪم | وقت |
| صبح جو اٿڻ | |
| ناشتو ڪرڻ | |
| گهر جو ڪم | |
| منجهند جي ماني | |
| آرام | |
| پڙهائي/ سلائي | |
| رات جي ماني | |
| سمهڻ | |

جائزو:

- شاگرد ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ ۾ مليل وقت لکي ڏيکارين.
- استاد بورڊ تي مختلف وقت لکي ۽ شاگردن کي چئي تہ ورڪ شيٽ تي گهڙي ۾ وقت ظاهر ڪري ڏيکاريو.
- موبائيل فون تان وقت ڏسي ٻڌايو.
- ڪيلينڊر تي آڊر فارم مطابق وقت ۽ تاريخ لکي ڏيکارين.

سبق ائون:

## ڊيگهہ ۽ ويڪر ڪئين ماپيان؟

مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ هو:

- ڊيگهہ جي بنيادي ايڪن (ڪلوميٽر، ميٽر، انچ، سينٽي ميٽر) کي مختصر لکي ۽ پڙهي سگهندا.
- ماپ ڪري ڊيگهہ جي بنيادي ايڪن ۾ مختصر لکي سگهندا.

سکيا لاءِ مددگار شيون:

بورڊ، ڪتاب، ماپ پٽي Measurement Tap

سرگرميون:

ڪم آسان ٿيو!

عالم جي گهرواري مشهور ڊيزائنر آهي. هوءَ پنهنجو بوتيڪ هلائيندي آهي. ان جي خواهش آهي تہ هوءَ هُنرمند عورتن کي بہ اڳتي آڻي پنهنجي پيرن تي بيهاري. ان لاءِ هوءَ هنرمند عورتن جي ڳولها ۾ هوندي آهي.
زهران ڪجهہ عرصي کان هن جي ٽيم ۾ شامل ٿي آهي. ان ڪري جوان جي ڪم ۾ نفاست آهي. زهران جڏهن آهر عالم جي گهرواري جي حوالي ڪيو تہ ان جو ڪم ڏسڻ ۾ تہ صفائي، مهارت ۽ نفاست سان ٺهيل هو. پر جڏهن هن ڪپڙا استيچنگ ماستر کي ڏنا تہ ان ٻڌايو تہ انهن جي سائيز ۾ فرق آهي ۽ ڪپڙا ڪٿا ڪٿا ٿوڙا ڪليل ۽ سوڙها آهن. زاهده پريشان ٿي تہ هاڻي عالم جي گهرواري ناراض ٿي ويندي. هن وضاحت ڏني تہ مون بلڪل اهائي سائز رکي آهي جهڙي توهان قميص ڏني هئي ۽ سبڻ کان پوءِ بہ مون قميص ان جي مٿان رکي ماپي هئي.

عالم جي گهرواري زهران جي غلطي سمجهي ورتي ۽ زهران کي چيائين تہ تو ڪپڙا ايتري محنت ۽ نفاست سان سبيا آهن پر تو ماپ صحيح نموني نہ ڪئي آهي.
نہ ٻاجي مان پنهنجي هٿ سان ماپيو هيو.
اهيو تہ ٺيڪ آ پر جيڪڏهن تون انچ پٽي استعمال ڪنديئن تہ صحيح سائز مطابق ڪپڙا تيار ٿيندا.
زهران اداس ٿي وئي ان ڪري جو ان کي انچ پٽي جو استعمال نہ ايندو آهي. هن سوچيو تہ مون کان اهيو ڪم ڪسيو ويندو. پر عالم جي گهرواري ان کي حوصلو ڏنو ۽ چيائين تہ اڄ منهنجو اسٽيچنگ ماسٽر توکي ڏيکاريندو ۽ ويڪر ماپڻ سيکاريندو.

تصور جي وضاحت:

- شاگردن کي ٻڌايو تہ اڄ اسان ماپ ڪرڻ سکنداسين.

| |
|---|
| ننڍي شين جي ڊيگهہ ماپڻ لاءِ سينٽي ميٽر جو پيمانو استعمال ٿيندو آهي.<br>سينٽي ميٽر کي مختصر ڪري س.م يا انگريزي ۾ cm لکبو آهي. |

- شاگردن کي اسڪيل ڏيو تہ هو آس پاس ۾ موجود شين جيئن پينسل، اسڪيل، موبائيل فون ۽ ڪتاب وغيره جي ماپ لکي ڏيکارين.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ 10 سينٽي ميٽر ملائي هڪ انچ ٿيندو آهي. سلائي جي ڪم ۾ گهڻو ڪري انچ جي حساب سان ماپ ڪئي ويندي آهي.

| |
|---|
| هڪ انچ، 10 سينٽي ميٽر جي برابر ٿيندو آهي ۽ ان جي نشاني " ٿيندي آهي. |

- شاگردن کي چئو تہ هاڻي هو ٻين شين جي ڊيگهہ ۽ ويڪر جي ماپ انچن ۾ ڪري ۽ لکي ڏيکارن.

- شاگردن کي ہدايون:

100 سينٽي ميٽر هڪ ميٽر جي برابر ٿيندو آهي ۽ انگريزي ۾ ان کي cm لکبو آهي. وڏي شين جي ڊيگهه ۽ ويڪر ماپڻ لاءِ ميٽر جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

- ڪمري ۾ موجود شين جي ماپ ڪريو ته ڪهڙي شيءِ 100 سينٽي ميٽر يا هڪ ميٽر آهي.

فاصلو ماپڻ جو پيمانو:

- شاگردن کان پڇو ته توهان کي خبر آهي ته توهان جو شهر ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر کان ڪيترا ڪلوميٽر پري آهي.

شاگردن کي ہدايون:

ڊگهي فاصلن کي ماپڻ لاءِ ڪلوميٽر جو پيمانو استعمال ڪيو ويندو آهي. ڪلوميٽر کي km لکبو آهي. 1 ڪلوميٽر ۾ 1000 ميٽر ٿيندا آهن.

- شاگردن کي ہدايو ته هڪ ڳوٺ کان ٻي ڳوٺ، هڪ شهر کان ٻي شهر ۽ هڪ ملڪ کان ٻي ملڪ جو فاصلو ماپڻ لاءِ ڪلوميٽر جو ايڪو استعمال ڪيو ويندو آهي.
- شاگردن کي چئو ته هو اکيون بند ڪري تصور ڪن ته 35 ڪلوميٽر مفاصلو ڪيترو ٿيندو؟

جيڪڏهن اسان ايتري ڊيگهه يا مفاصلو ماپڻ لاءِ ميٽر جو استعمال ڪنداسين ته اسان کي ڊگها حساب ڪرڻا پوندا.

35 ڪلوميٽر ۾ 3500 ميٽر ٿيندا آهن.

- ڊگهي مفاصلي جو حساب ڪلوميٽر ۾ ڪرڻ سان حساب ۾ آساني ٿيندي آهي.

مشق:

- شاگردن کي چئو تہ هو پنهنجي ساٿين جي قميص جي ڊيگهہ ۽ ويڪر جي ماپ ڪن.
- شاگرد پنهنجي گنڊي/ رڱي جي ماپ ڪن تہ ڪيترا ميٽر آهي؟
- شاگردن کي چارٽ يا ڪاغذ ڏيو ۽ چئو تہ هڪ فرضي وڳو جي ماپ لکي ان کي ان مطابق ڪٽي ڏيکاريو. (ڪاغذ تنيو هجڻ ڪري ماپ سينٽي ميٽر ۾ لکن ۽ ڪٽي ڏيکارين).
- توهان جي سلائي سينٽر کان گھر جو مفاصلو ڪيترا ميٽر/ ڪلوميٽر هوندو؟
- نورين جو بوتيڪ گهر کان 4 ڪلوميٽر مفاصلي تي آهي هن کي اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ ڪيترو فاصلو طئي ڪرڻو آهي.
- سيما جو اسڪول گهر کان 3000 ميٽر پري آهي. ان کي سينٽي ميٽر ۾ لکو؟

جائزو:

- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ حل ڪرايو.
- ننڍي شين کي ماپڻ لاءِ ڊيگهہ جا ڪهڙا ايڪا استعمال ٿيندا آهن؟
- وڏي شين کي ماپڻ لاءِ ڊيگهہ جا ڪهڙا ايڪا استعمال ٿيندا آهن؟
- ثنا وٽ ڪپڙي جو ٿان آهي. هوءِ ان کي ماپڻ لاءِ ڪهڙو ايڪو استعمال ڪندي.
- ڪلوميٽر کي مختصر ڪري ڇا لکبو آهي؟
- ڪراچي کان حيدرآباد جي مفاصلي کي ڪهڙي مناسب ايڪي ۾ ظاهر ڪبو.
- سلائي سينٽر کان مسجد جي مفاصلي کي ڪهڙي ايڪي ۾ ظاهر ڪبو؟

سبق نائون:

# وزن جا ايڪا

مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- وزن جي بنيادي ايڪن (ڪلوگرام ۽ گرام) کي مختصر پڙهي ۽ لکي سگهندا.
- وزن جي بنيادي ايڪن جي ماپ ڪري لکي سگهندا.

سکيا لاءِ مددگار شيون:

بورڊ، ڪتاب، ٽيبليٽ Tablet

سرگرميون:

ڪيڪ ڪيئن ٺاهيان؟

فائزه ۽ ناديه ٻئي دوستون آهن.

فائزه، ناديه ڪٿي آهي؟ هي ڏس مان تنهنجي لاءِ ڪيڪ کڻي آئي آهيان.

ناديه: اڇا! ڏسڻ ۾ ته سٺو لڳي ٿو.

فائزه: ها هِن جي چاچي حيدرآباد مان آئي آهي. ۽ هي ڪيڪ هن پاڻ گهر ۾ ٺاهيو آهي. هوءَ اُتان شيف جو ڪورس ڪري رهي آهي ۽ گهر ۾ بيڪري جو سامان ٺاهيندي آهي جيئن ڪيڪ، بسڪيٽ ۽ روٽي وغيره.

ناديه: (ناديه الاهي متاثر ٿي) فائزه مون کي ٻڌائي ته ڪيڪ ڪيئن ٺاهبو آهي؟

فائزه: اهو ڪو مشڪل ڪم ناهي جڏهن هو ٺاهي رهي هئي ته مون ڏٺو. ميدو، آنا، کير، کنڊ ۽ هڪ ٻي شيءِ هئي. ڇا نالو هو؟ (فائزا سوچيندي ها! ياد آيو بيڪنگ پائوڊر. اهي سڀ شيون ملائي ڪري اوون يا چلهه تي ڪيڪ ٺاهبو آهي. ٻي ڏينهن ناديه ڪيڪ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي پرهي ڇا؟ اهيو ته الائي ڇا ٺهي ويو. ناديه جي امي ڏٺو ته ناراض ٿي وئي ۽ چيائين ته اڄ

ڪلو ميدو ۾ هڪ پاءُ ڪنڊ خراب ڪري ڇڏي. ناديه اهو ڪيڪ فائزه جي گهر ڪٺي وٺي ۾ چيائين ته تو مون کي ترڪيب صحيح نه ٻڌائي آهي. هن جي چاچي سڀ ٻڌي رهي هئي. هن ناديه کان پڇيو ته.

چاچي: ناديه تون هر شيءِ جي ڪيتري ماپ ڪئي؟

ناديه: مان ته سڀ شيون ائين ئي ڪٺي ملايون آهن.

چاچي: اهائي ته غلطي آهي. ڪنهن به شيءِ جي ماپ ڪرڻ لاءِ اسان توريندا آهيون جيڪڏهن تون سڀ شيون وزن مطابق نه ملائيندينءَ ته ڪيڪ صحيح نه ٺهندو اچو ته توهان کي انهن سيني جو وزن ۾ ترڪيب لکي ڏيان.

تصور جي وضاحت:

شين جو وزن معلوم ڪرڻ لاءِ گرام ۽ ڪلوگرام جا ايڪا استعمال ڪيا آهن. ڪلوگرام کي مختصر ڪري $kg$ لکبو آهي.

- وڏيڪ وزن واري شين کي تورڻ لاءِ اسان ڪلو گرام جو ايڪو استعمال ڪندا آهيون. ڪلوگرام کي مختصر ڪري $kg$ لکبو آهي.
- هڪ 1 ڪلوگرام ۾ 1000 گرام هوندا آهن. جيئن ته توهان کي خبر آهي ته ڪلو جو مطلب هڪ هزار ٿيندو آهي.

جائزو:

- شاگردن کي ڪتاب تي ڏنل مشق حل ڪرايو ۽ چئو ته اندازي سان ڏنل شين جو وزن لکو.
- رشيد جي دڪان تي 452 ڪلوگرام بصر هئا. شام تائين هن 263 ڪلوگرام بصر وڪرو ڪيا. هن جي دڪان تي باقي ڪيترا بصر بچيا آهن؟
- مُورين جو وزن 768 ڪلوگرام ۽ گجرن جو وزن 951 ڪلوگرام هيو. گجرن ۽ مُورين جي وزن جو فرق معلوم ڪيو؟
- نادر پاڙي جي دڪان تان 500 گرام لوڻ، 250 گرام مرچ ۽ 125 گرام هيڊ خريد ڪئي. نادر ڪُل ڪيترا گرام مصالا خريد ڪيا؟

گهٽ مقدار واري شين کي ماپڻ لاءِ اسان ملي لٽر جو پيمانو استعمال ڪندا آهيون.

سبق ڏهون:

## لٽر ڇا هوندو آهي ؟

مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- گنجائش جي بنيادي ايڪن (لٽر/ ملي لٽر) کي مختصر پڙهي سگهندا.
- گنجائش جي بنيادي ايڪن کي مختصر لکي سگهندا.

سکيا لاءِ مددگار شيون:

بورڊ، ڪتاب، ٽيبليٽ (Tablet)

سرگرميون:

تصويرن تي ڳالهه ٻولهه:

شاگردن کي ڪتاب تي ڏنل تصويرون ڏيکاريو ۽ هيٺيان سوال پڇو.

- کير وارو ڇا ڪري رهيو آهي ؟
- توهان جي گهر روزانو ڪيترو کير ايندو آهي ؟
- توهان کي کير وارو کير توري ڏيندو آهي ؟
- اسان پاڻياٺ جي تور ڇو نه ڪري سگهندا آهيون ؟

| |
|---|
| 1 لٽر ۾ 1000 ملي لٽر هوندا آهن. |

- وضاحت لاءِ هڪ گنجائش جي ٻن بوتلن ۾ هڪ جيترين شيون پرڻ سان انهن جو وزن هڪ جيترو نه هوندو. مثال طور جيڪڏهن هڪ لٽر جي ٻن بوتلن مان هڪ ۾ ماکي ۽ هڪ ۾ پاڻي ڀرينداسين ته ٻنهي جو وزن مختلف ٿيندو. ڇو ته ماکي ڳري هوندي آهي.

پاڻياٺ جو وزن ڪنهن ڻانو بنا نٽو ڪري سگهجي. ان لاءِ پاڻياٺ ڪي لٽر جي پيئمانن ۾ رکيو ويندو آهي.

## تصور جي وضاحت:

اسان ڪير يا ڪا ٻه پاڻياٺ ڻانون ۾ چو ماپ ڪندا آهيو؟

- شاگردن ڪي ٻڌايو تہ اسان وٽ ميٽر، ڪلوميٽر ۽ ڪلوگرام جي لاءِ گهڻا پيمانا آهن پر لٽر ۽ ملي لٽر لاءِ ايترا عام پيئمانا نہ آهن. گهڻو ڪري ماڻهو ڪير جي دڪان تي ڪلو لاءِ گُهر ڪندا آهن.
- انهن ڪي ٻڌايو تہ پاڻياٺ ڪي اسان ماپ وارن ڻانون ۾ ماپيندا آهيون.

| |
|---|
| پاڻياٺ جي مقدار معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ٽينڊرڊ پيئماني ڪي لٽر چئبو آهي. گهڻ مقدار واري شين ڪي ماپڻ لاءِ اسان ملي لٽر جو پيئمانو استعمال ڪندا آهيون. |

## مشق:

- شاگردن جا ٻہ گروپ ٺاهيو.
- مختلف گُنجائش جون خالي بوتلون. مثال طور 250 ملي لٽر، 500 ملي لٽر ۽ 1 لٽر واريون بوتلون گروپ ۾ ورهايو.
- شاگردن ڪي چئو تہ 250 ۽ 500 ملي لٽر جي بوتلن جي مدد سان 1 لٽر واري بوتل ڀريو.
- هاڻي شاگردن ڪي چئو تہ 1 لٽر واري بوتل مان 250 ملي لٽر ۽ 500 ملي لٽر وارين بوتلون ڀريو.
- شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال ڪريو.
- سڀ کان ننڍي بوتل جي گنجائش ٻڌايو؟ (250 ملي لٽر)
- ان کان وڏي بوتل جي گنجائش ٻڌايو؟ (500 ملي لٽر)
- 1 لٽر بوتل ۾ هاڻي ڪيترو پاڻي بچيو؟ (250 ملي لٽر)
- 1 لٽر بوتل ڀرڻ لاءِ 250 ملي لٽر جون ڪيتريون بوتلون گُهرجن؟

جائزو:

- جوس يا کير جا خالي دٻا ڏيکاري پڇو ته انهن ۾ ڪيتري ماپ لکيل آهي؟
- هيٺ ڏنل لٽرن ۾ ڪيترا ملي لٽر ٿيندا

2 لٽر ____________ 3 لٽر ____________

4 لٽر ____________ 6 لٽر ____________

- ڪتاب ۾ ڏنل سوال حل ڪريو.

سبق يارهون:

## ضرب ۽ کوڙا (5 تائين)

مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- 2، 3، 4 ۽ 5 تائين کوڙا لکي سگهندا.
- ٻه انگي عددن کي هڪ انگي عدد سان ضرب ڏئي سگهندا.
- ڪنهن به عدد کي ٻڙيءَ سان ضرب ڏئي جواب لکي سگهندا.

سکيا لاءِ مددگار شيون:

بورڊ، ڪتاب، کوڙن جو چارٽ (1-5) ٽيبليٽ

سرگرميون:

### ڪيترا گُل:

اڄ آبر مڪمل ڪري ڏيڻ جي تاريخ آهي.

شازيه خوش هئي. هي ان جو پهريون آبر هيو. هن ڪشن تي ڌاڳي ۽ موتي سان گُل ٺاهيا هئا. ٻاجي هن کي 8 ڪُشن ڏنا هئا ۽ هر هڪ ڪُشن تي 2 گُل ٺاهڻا هئا. ٻاجي هن کي گُلن جي حساب سان رقم ڏيندي، هوءَ اڳڻ ۾ ويهي ڪافي دير تائين حساب لڳائي رهي هئي. هن ڪاپيءَ تي 8 دفعا 2 لکيو ۽ ان جي جوڙ ڪرڻ لڳي. هوءَ لکي لکي ٿڪجي پئي، پاسي ۾ ويٺل ماسي روزينه کان پڇيائين ته ڪو اهڙو طريقو ناهي جو هن حساب کي آساني سان ڪري سگهان.

ماسي روزينه چيو ها آهي، اڄ ته مان توکي سمجهايان ٿي.

## تصور جي وضاحت:

شاگردن کي ٻڌايو تہ اهڙو طريقو موجود آهي جنهن ۾ اسان کي بار بار هڪ ئي عدد کي جوڙ نہ ڪرڻو پوندو آهي. مثال طور جيڪڏهن 2 شين کي 5 دفعا جوڙ ڪيون تہ 10 شيون ٿي وينديون. ان لاءِ اسان ڪوڏن جو استعمال ڪندا آهيون.

- هاڻي شاگردن کي ڪوڏن جو چارٽ ڏيکاريو.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ هڪ ئي عدد کي بار بار جوڙ ڪرڻ جي عمل کي ضرب چئبو آهي ۽ هي "×" ضرب جي نشاني آهي.
- شهربانو کي معلوم ڪرڻو آهي تہ هن ڪُل ڪيترا گُل ٺاهيا آهن ان لاءِ هن کي جوڙ جي ضرورت ناهي. هوءَ 2 جي ڪوڏي سان آساني سان معلوم ڪري سگهي ٿي تہ 8 دفعا 2 ڪيترا ٿيندا.

$$8 \times 2 = 16$$

## مشق:

- شازيہ جي پاڙي ۾ شادي هئي. هنن 223 مهمانن کي دعوت ڏني هئي. هر مهمان لاءِ 2 نان گهرائڻا آهن. ماسي ڦاپان هن کي چيو تہ حساب ڪري ٻڌائي تہ ڪيترا نان گهرائڻا پوندا.
- شازيہ رضوان کي چيو اچ تہ حساب لڳايون شڪر آ جو اسان کي 2 جو ڪوڏو ايندو آهي. نہ تہ 223 دفعا 2 کي جوڙ ڪيئن ڪريون ها.
- ضرب ڪرڻ جو آسان طريقو آهي.
- پهرين ايڪن واري انگن کي 2 سان ضرب ڪريو. پوءِ ڏهاڪي واري انگ کي 2 سان ضرب ڏيو ۽ آخر ۾ سؤ واري انگ کي 2 سان ضرب ڏيو تہ جواب 446 ايندو.

$$223 \times 2 = 446$$

- شاگردن کي ڪيلڪيوليٽر سان ضرب جو طريقو سيکاريو.
- شاگردن کي موبائل فون ۾ ڪيلڪيولٽر تان ضرب ڪرڻ جو طريقو سيکاريو.

جائزو:

- سلمىٰ کي 4 قميصن کي 3،3 بٽڻ لڳائڻا آهن. هن کي ڪُل ڪيترا بٽڻ هڻڻا آهن؟
- مريم 5 پائوچ ٺاهيا ۽ پائوچ کي 3 زپ لڳايون آهن. مريم ڪُل ڪيتريون زپ لڳايون آهن؟
- فوزيہ 6 وڳا سيپيا ۽ هر وڳي تي 5 گز ڪپڙو استعمال ڪيو فوزيہ ٽوٽل ڪيترو ڪپڙو استعمال ڪيو؟

سبق ٻارهون:

## ڪم ڪيئن ورهايان؟

مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- 2 انگي عدد کي هڪ انگي عدد سان ونڊ ڪري سگهندا.
- ذهني حساب جي حڪمت عملي جو استعمال ڪندي 5 جي ڪوڙن تائين ونڊ ڪري سگهندا.

سکيا لاءِ مددگار شيون:

بورڊ، ڪتاب، ڪيلڪيولٽر، موبائيل فون.

سرگرميون:

ڪم ڪيئن ورهايان؟

عائشه کي 12 ويهائن جا ڪَوَر ٺاهڻ لاءِ آڊر مليو آهي. هن اهو آڊر خوشيءَ سان ورتو ان لاءِ جو هن جي ٽيم محنتي آهي. هوءَ ٽيم ۾ 6 ميمبرز کي ڪيترا ڪَوَر ٺاهڻ لاءِ ورهائي جو ڪم آساني سان وقت تي مڪمل ٿئي. هن اهڙي ريت حساب لکيو.

$$\begin{array}{r} 8 \\ -\ 2 \\ \hline \\ \hline \end{array} \qquad \begin{array}{r} 10 \\ -\ 2 \\ \hline \\ \hline \end{array} \qquad \begin{array}{r} 12 \\ -\ 2 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

$$\begin{array}{r} 2 \\ -\ 2 \\ \hline \\ \hline \end{array} \qquad \begin{array}{r} 4 \\ -\ 2 \\ \hline \\ \hline \end{array} \qquad \begin{array}{r} 6 \\ -\ 2 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

عائشہ پنھنجي مڙس کي چيو تہ اهڙي طرح تہ حساب لڳائڻ ڏکيو آهي. گهڻو وقت لڳندو.

- هتي شاگردن کا سوال ڪريو تہ عائشہ پنھنجو وقت ڪيئن بچائي سگهي ٿي؟ ڇا ضرب وانگر ڪو سولو طريقو آهي.
- جيڪڏھن شاگرد ونڊ ٻڌائن تہ انھن جي حوصلا افزائي ڪريو. جيڪڏھن نہ ٻڌائين تہ ھن طريقي سان وضاحت ڪريو.

**تصور جي وضاحت:**

ساڳي عدد جي بار بار ڪٽ جي عمل کي ونڊ چئبو آهي. ونڊ لاءِ "÷" جي نشاني استعمال ڪئي ويندي آهي.

- ونڊ جي عمل ۾ اسان ڏهاڪي واري انگ کي پھرين ونڊ ڪندا آهيون ۽ ايڪن واري انگ کي آخر ۾ ونڊ ڪندا آهيون.
- نور وٽ 6 آنا آهن. هوءِ روزانو نيرن ۾ 2 آنا پچائڻ چاهي ٿي. 6 آنا ڪيترن ڏينهن ۾ ختم ٿيندا؟



$6 - 2 = 4$    $4 - 2 = 2$    $2 - 2 = 0$

**2**    **2**    **2**

- ڪوڙن ذريعي ضرب جا سوال ته توهان حل ڪري سگهو ٿا؟ مٿي ڏنل سوال لاءِ 2 جو ڪوڙو پڙهجي ته آساني سان حل ٿي ويندو.

$$3 \times 2 = 6$$
$$6 \div 2 = 3$$

- اسان 2 جو ڪوڙو 3 ٽائين پڙهنداسين ته اسان کي خبر پوندي ته جيڪڏهن نور هر روز 2 آنا پچائيندي ته 6 آنا 3 ڏينهن ۾ ختم ٿيندا.
- ونڊ جي عمل لاءِ آسان طريقو هي آهي.

$$2\overline{)\,6\,}(3$$
$$\underline{6}$$
$$\underline{0}$$

مشق:

- 2 ٽيمن ۾ 24 ميمبر آهن. هر ٽيم ۾ گهڻا ميمبر ٿيندا؟
- نازيه، حور ۽ شمائلا اچ سينٽر تي ڪُل 18 بيگ تيار ڪيا. هر هڪ ڪيترا بيگ ٺاهيا. ٻڌايو ته هر هڪ ڪيترا بيگ ٺاهيا؟
- ڏاڳي جي هڪ ڍيري 5 رپيا آهي. سورٺ وٽ 25 روپيا آهن هو ان مان ڪيتريون ڍيريون خريد ڪري سگهندي.
- ڪيلڪيولٽر ۽ موبائيل فون تي ونڊ ڪرڻ سيکاريو ۽ مشق ڪرايو.

جائزو:

- ساڳئي عدد جي بار بار ڪٽ ڪرڻ جي عمل کي ڇا چئبو آهي؟
- ونڊ جي نشاني لکي ڏيکاريو.
- ڪتاب ۾ ڏنل ونڊ جا سوال حل ڪرايو.

فهرست

**سبق تيرهون:**

## اڌپور

**مقصد:**

**هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ هو:**

**اڌپور کي هڪ مڪمل شيءِ جي برابر حصن سان سڃاڻي سگهندا. مثال طور اڌ، ٽيون ڀاڱو، چوٿون ڀاڱو وغيره.**

- **$\frac{1}{2}$ ، $\frac{1}{3}$ ۽ $\frac{1}{4}$ کي شڪلين ۽ شين جي مدد سان سڃاڻي سگهندا.**
- **ڪم ۾ شين کي ڀاڱن ۾ ورهائي سگهندا.**

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

**بورڊ، ڪتاب**

**سرگرميون:**

### اسان اڌ ڀاڱو آهيون:

**اڄ مريم جي سلائي سينٽر ۾ هڪ پارٽي هئي ۽ مسز سومرو خاص مهمان هئي. مريم کي مسز سومرو پسند هئي. تقريب شروع ٿي ۽ مسز سومرو تقرير لاءِ آئي. هن پنهنجي تقرير ۾ بار بار ذڪر ڪيو تہ اسان عورتون پاڪستان جي آبادي ۾ $\frac{1}{2}$ حصو آهيون. اسان کي همٿ ڪرڻ کپي اڳتي وڌڻ گهرجي ۽ پاڪستان جي خوشحالي ۽ ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. مريم کي $\frac{1}{2}$ جو مطلب سمجهہ ۾ نہ آيو. هوءَ جيئن گهر وئي تہ ماسي روزينہ وٽ وئي ۽ پڇيائين تہ ماسي روزينہ اهو ٻڌايو تہ هڪ ڀاڱي ٻہ $(\frac{1}{2})$ ڇا ٿيندو آهي؟ اڄ اسان جي سلائي سينٽر ۾ مسز سومرو آئي هئي ۽ اها بار بار پنهنجي تقرير ۾ اهيو چئي رهي هئي تہ اسان عورتون پاڪستان جي آبادي ۾ هڪ ڀاڱي ٻہ حصو آهيون؟ ماسي روزينہ چيو تہ هو ٺيڪ چئي رهي هئي. هڪ ڀاڱي ٻہ جو مطلب آهي اڌ يعني اسان عورتون پاڪستان جي آبادي جو اڌ حصو آهيون. مريم سمجهندي چيو تہ اهو تہ صحيح آهي پر جيڪڏهن مون کي اڌ لڪلو هجي تہ مان ڪيئن لکندس؟**

اڄ ته مان سمجهايان ٿي. جيڪڏهن ڪنهن به شيءِ کي ٻن يا ان کان وڌيڪ برابر حصن ۾ ڪٽيو ويجي ته ان کي هڪ خاص طريقي سان لکبو آهي. جيئن مان هڪ مانيءَ جا ٻه برابر ٽڪرا ڪيان. هڪ ٽڪرو ثنا کي ۽ ٻيو علي کي ڏيان ته اڌ مانيءَ کي $\frac{1}{2}$ ۽ ٻيءِ اڌ ٽڪري کي $\frac{1}{2}$ لکبو. ان جو مطلب ته هڪ ماني کي ٻن ٽڪرن ۾ ورهايو ويو.

**تصور جي وضاحت:**

**شاگردن کي ٻڌايو ته:**

| |
|---|
| ڪنهن به هڪ شيءِ جي برابر حصن ۾ ورهائڻ کي اڌپور چئبو آهي. ليڪ جي هيٺ واري انگ کي ڇيد ۽ ليڪ جي مٿي واري انگ کي انس چئبو |

- امان هڪ مانيءَ جا ٻه برابر حصا ڪيا.
  علي کي ماني جو اڌ ٽُڪر مليو $\frac{1}{2}$
  ثنا کي ماني جو اڌ ٽُڪر مليو $\frac{1}{2}$

$$\frac{1}{2} + \frac{1}{2} =$$

- شاگردن کي ٻڌايو ته اڌپور اسان جي روزانو زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندو آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجي گهر ۾ ڏسو ته گهڻو ڪري شين ۾ اڌپور جو استعمال ڪندا آهيون. اسان شيون ملي ۽ ورهائي کائيندا آهيون. اهو ياد رکو ته انس ۽ ڇيد جو درست جڳهه تي لکڻ ضروري آهي.

مشق:

زرينا کي رلي ناهڻ جو ڪم مليو. ان فيصلو ڪيو تہ هوءِ اهو ڪم گهر ۾ ئي ڪرائيندي سيپني ٽيم ميمبرز کي هڪ جڳهہ تي گڏ ڪري ڪم ڪرائيندي هن وٽ 8 ٽيم ميمبرز آهن. هن کي اهو ڪم ٽيم ميمبرز ۾ ورهائڻو آهي.

اسان ان کي اٿپور ۾ ڪيئن لکنداسين ؟

هر هڪ ٽيم ميمبرز کي رلي ناهڻ جو ڪيترو حصو ڪم مليو؟

هڪ ٽيم ميمبرز بيمار ٿي وئي تہ ان جي حصي جو ڪم زبيده ڪيو.

زبيده ڪم جو ڪيترو حصو ڪيو؟

2 ٽيم ميمبرز کي اوچتو شهر کان ٻاهر وڃڻو پيو تہ زرينا انهن جو ڪم سوني کي ڏنو.

سوني ڪم جو ڪيترو حصو ڪيو؟

جائزو:

- $\frac{1}{2}$ ۽ $\frac{1}{4}$ ۾ ڇا فرق آهي؟
- هڪ شي جا 6 حصا ڪيا ويا. ان جي هڪ حصي کي اٿپور ۾ ڪيئن لکبو؟
- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ حل ڪرايو.

# قومي ترانو

پاڪ سَر زمين شادبَاد ڪِشورِ حسين شادبَاد
تُونشانِ عزّمِ عالِي شان اَرضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد بَاد

پاڪ سَرزمين ڪا نِظام قُوّتِ اُخُوّتِ عوام
قوم، مُلڪ، سَلطنت پائنِده تابِنده باد
شاد بَاد منزلِ مراد

پَرچَمِ ستاره و هلال رَهبرِ ترقّي و ڪمال
ترجمانِ ماضي، شانِ حال جانِ اِستقبال
سَايہ خُدائي ذُوالجلال